SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1992
# SINDH ACT NO.III OF 1992
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 1991
# THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ACT, 1991
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 7 جي نعم البدلي
Substitution of Section 7 of West Pakistan Ordinance II of 1962
3. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962
4. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of Section 24 of West Pakistan Ordinance II of 1962
5. 1991 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.VII of 1991

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1992
# SINDH ACT NO.III OF 1992
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 1991
# THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ACT, 1991

[22 فيبروري 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 7 جي نعم البدلي
Substitution of Section 7 of West Pakistan Ordinance II of

2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 7 لاءِ هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:

("7.ضلعي جج جي عدالت جو اصل دائره اختيار.) بشرطيڪ وقتي طور لاڳو ڪنهن به قانون موجب، ضلعي ڪراچي جي عدالت جو اصل دائره اختيار سول ڪيسن ۽ ڪارروائين ۾ ڪراچي ضلعي اندر سول ڪيسن ۽ ڪارروائين ۾ اصل دائره اختيار جو ملهه حد ڪانسواءِ هوندو

1962

۽ پنج لک رپين کان وڌيڪ ملھ وارين ڪارروائين تي ٻڌڻي هاءِ ڪورٽ ڪندي“.

بشرطيڪ سول ڪيسن ۽ ڪارروائين ۾ ڪراچي ضلعي اندر پنج لک رپين جي ملھ کان وڌيڪ جي سلسلي ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ التوي هئڻ جي صورت ۾ سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1991 لاڳو ٿيڻ کان فوري بعد هاءِ ڪورٽ طرفان نيڪال ڪيا ويندا.

1962 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3.چاڻايل آرڊيننس جي دفعه 18 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (a) ۾، لفظن “پنجاھ هزار رپيا” لاءِ لفظ “ٻه لک ۽ پنجاھ هزار رپيا” متبادل ٿيندا.

1962 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس II جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of Section 24 of West Pakistan Ordinance II of 1962

4.چاڻايل آرڊيننس جي دفعه 24 ۾، لفظ “هڪ لک رپيا” جتي به اچن، لفظ “پنج لک رپيا” متبادل ٿيندا.

1991 جي سنڌ آرڊيننس نمبر VII جي منسوخي

5.سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1991 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

Repeal of Sindh Ordinance No.VII of 1991

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.